SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ آرڊيننس نمبر III مجريه 2010

# SINDH ORDINANCE NO.III OF 2010

# سنڌ مڪاني حڪومت (ٽئين ترميم) آرڊيننس، 2010

# THE SINDH LOCAL GOVERNMENT (THIRD AMENDMENT) ORDINANCE, 2010

## (CONTENTS) فهرست

تمهيد (Preamble)
دفعات (Sections)
1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement
2. 2001 جي سنڌ آرڊيننس نمبر XXVII جي دفعه 179-A جي ترميم
Amendment in Section 179-A of Sindh Ordinance No.XXVII of 2001

## سنڌ آرڊيننس نمبر III مجريه 2010

# SINDH ORDINANCE NO.III OF 2010

# سنڌ مڪاني حڪومت (ٽئين ترميم) آرڊيننس، 2010

# THE SINDH LOCAL GOVERNMENT (THIRD AMENDMENT) ORDINANCE, 2010

[22 مارچ، 2010]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ مڪاني حڪومت آرڊيننس، 2001 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته مڪاني حڪومت آرڊيننس، 2001 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

۽ جيئن ته صوبائي اسيمبلي جو اجلاس هلندڙ نه آهي ۽ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي ته موجوده حالتن ۾ هنگامي قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

هاڻي، تنهن ڪري، اسلامي جمهوريه پاڪستان جي آئين جي آرٽيڪل 128 جي شق (1) تحت مليل اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي، سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽

| | |
|---|---|
| 1. (1) هن ايڪٽ کي سنڌ مڪاني حڪومت (ٽين ترميم) آرڊيننس، 2010 سڏيو ويندو.<br>(2) هي فوري طور لاڳو ٿيندو. | شروعات<br>Short title and commencement |
| 2. سنڌ مڪاني حڪومت آرڊيننس، 2001 جي دفعه 179-A ۾:<br>i. ذيلي دفعه (3) ۾، لفظن "مڪاني حڪومتون" کانپوءِ لفظ "۽ ڪائونسلز" شامل ڪيا ويندا.<br>ii. ذيلي دفعه (5) ۾، شقن (a) ۽ (b) لاءِ هيئين ريت متبادل ٿيندو:<br>(a) مڪاني حڪومتن ۽ ڪائونسلز جي تحليل ٿيڻ تي حڪومت پنجهتر ڏينهن جي اندر چيف اليڪشن ڪمشنر کي مڪاني حڪومتن جون چونڊون ڪرائڻ لاءِ درخواست ڪندي؛<br>(b) مڪاني حڪومتن جون چونڊون هن ترميم يا نئين نفاذ تحت ٿينديون، جيڪڏهن ڪو نئون قانون پاس نه ٿو ڪيو وڃي ته چونڊون هن ترميم مطابق ڪرايون وينديون. هر حالت ۾ حڪومت 165 ڏهاڙن جي اندر اندر شق (a) جي روشنيءَ ۾ چونڊن ڪرائڻ کي يقيني بڻائيندي. | 2001 جي سنڌ آرڊيننس نمبر XXVII جي دفعه 179-A جي ترميم<br>Amendment in Section 179-A of Sindh Ordinance No.XXVII of 2001 |

نوٽ: آرڊيننس جو  مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.